# چونڊ تيلگو
# ڪهاڻيون



donated from
Suleman A. Memon's
personal library

# چوند تیلگو کهاݨیون

# چونڊ تيلـگو ڪهاڻيون

سمپادڪ :

سواهي شوشنڪر شاستري

ترجمان :

وشنو ڀاٽيا

ساهتيه اڪاديمي، نئي دهلي

*Choonda Telugu Kahaniyoon* ( चूंड तेलुगु कहाणियूं ) : Sindhi translation by Vishnu Bhatia of Swami Sivasankar Sastri's Anthology of Telugu Short Stories. Sahitya Akademi New Delhi ( 1985 ) Price Rs. 30—00

© Sahitya Akademi, New Delhi

First edition 1985

Publisher
Sahitya Akademi,
Rabindra Bhavan,
35, Ferozeshah Road,
New Delhi 110 001

Regional offices :
172, Mumbai Marathi Grantha Sangrahalaya Marg.
Dadar ( East ), Bombay 400 014
29, Eldams Road, Teynampet, Madras 600 018
Block V-B, Rabindra Sarobar Stadium, Calcutta 700 029

Printer
Haresh Girdharlal Dodeja
Noble Enterprises,
686, Budhwar Peth,
G-1 Shivganga Chambers,
Pune 411 002
Tel. : 34494

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت : ٽيهه رپيا

# فهرست


| نمبر | ڪهاڻي | ليکڪ | صفحو |
| --- | --- | --- | --- |
| ١. | دنيا | شري ٻيلواڙا ڪانتاراوَ | ١ |
| ٢. | پيڙ جي شادي | شري ڪودوونگٽي ڪٽمب راو | ٢٧ |
| ٣. | چمپا | شري ٽرپور نين گوپيچند | ٤١ |
| ٤. | پٿر جي مورتي | شري چنتا دکشتولو | ٦٢ |
| ٥. | بيابان | شري نوري نرسنهه شاستري | ٧٦ |
| ٦. | آخرين خط | شري موڪ پاٽي نرسنهه شاستري | ٩٤ |
| ٧. | فرسٽ ڪيس | شري مني ماڻڪيم نرسهه راءِ | ١١١ |
| ٨. | پتر سنتان | شري آندي نارائڻ سوامي | ١٢٧ |
| ٩. | مؤلسري جي مالها | شريمتي ڪوموري پدماوتي ديوي | ١٦٨ |
| ١٠. | ورڪا | شري آديوي باپيراجو | ١٨٣ |
| ١١. | ديش جو سنديش | شري 'ڀڄي بابو' (شوراجو وينڪٽ سباراو) | ١٩٣ |
| ١٢. | ڪ، ڪ، ڪ، | شري ملادي رامڪرشن شاستري | ٢١٩ |
| ١٣. | گهر خريد ڪيو | شري ڪوموري وينو گوپالراو | ٢٣٤ |
| ١٤. | مندي ۽ لوني | شري ٻيلوري شورام شاستري | ٢٦٩ |
| ١٥. | ذميواري | شري پنتولو شري رام | ٢٩٢ |
| ١٦. | نرموهي - موهي | شريمتي الندبل سرسوتي ديوي | ٣٢١ |

# دنيا

## ليکڪ :- شري بيلواڙا ڪانتاراؤ

جنم :- ٣ جولاءِ ١٩٢٧

جڳهه :- بد پامر، ضلع شري ڪاڪولم - وشاکاپٽنم پڙهائي ختم ڪرڻ بعد آليشي نوڪريءَ ۾.

تصنيفون :- ’ آرڊ پاگال - لو‘ - ’ پن هو ديالو‘ - ’ شو ميڪُلو‘ وغيره.

ڪهاڻيون :- ’ اوچي‘، ’ آن پورٽا‘، ’ پراجيمو‘، ’ سُکڻ‘ وغيره.

ناول :- ’ گوڊ ميڊ پوما‘.

### دنيا

”اڙي ياني، وقت اچڻ تي پلا ڪو ڪنهن کي روڪي سگهيو آهي؟ تنهنجو هن ريت دکي رهڻ ٺيڪ ڪونهي. مرڻ وارن سان گڏ اسان ٿورئي ڪو مرنداسين؟“ نيلڪنٺم پنهنجي سائيءَ ڪلارڪ جي گهر واري جي موت تي همدردي ڏيکاريندي چيو.

پنهنجي پاڙيسريءَ جو وڏو پٽ جڏهن گذاري ويو هو، تڏهن به ته اهو سوچيو هئائين ته موت جي معنيٰ ميرو ڪپڙو لاهي نئون ڪپڙو اوڍڻ جيان آهي. اسين اهو چوڻ سوچيون ته آتما امر آهي؟ اچا ڪجهه ڏينهن ته نبريا آهن، پاڙي ۾ هڪ ماڻهو مئو،

کان انڪار ڪرڻ تي هو پڇتائڻ لڳو. هن پاڻ جهلڪيل ٻپ سان خود پنهنجي ڳلي ۾ ڦاسيءَ جا جيڪي ڦندا وڌا هئا، انهن کي هن جي ننڍيءَ ڌيءَ کولي ڇڏيو.

هو من ئي من ۾ چئي رهيو هو، ”هاءِ پنهنجي زندگيءَ ۾ مون ڪيتري نه پيڙاڪر ڀُل ڪئي، جو پنهنجي وڏن ڌيئرن کي وديا کان وانجهيل رکيم!“

# پيبر جي شادي

ليکڪ :- شري ڪوبوٽنگٽي ڪٽمب راو

جنم :- ٢٨ آڪٽوبر ١٩٠٩

جڳهه :- تينسالي

اڀياس :- گنٽور، وجيه نگرم هندو وشو ودياليه، ڪاشي.

رچنائون :- مخزن، اخبارن ۽ ريڊيو لاءِ انيڪ رچنائون، ڪهاڻيون، ناٽڪ، مضمون، ليک ۽ وارتائون لکيائين. هن جي ايڪانڪيءَ "مائيجي ماءُ" کي ڊراما فيسٽيول ۾ شامل ڪري ورڌ پاشائن ۾ پرسارت ڪيو ويو هو. ماهوار 'جوان'، 'سنيما' وغيره جو سمپاڪ ٿي رهيو. آنڌرا پترڪا، (روزاني ۽ هفتيوار جو سمپادن ۾ ڪجهه ڏينهن ڪيائين.) 'چندا ماما' جي سمپادڪ منڊل ۾ آهي. 'وڀو ايمنيو'، 'نارو - مارو'، 'جولي' وغيره جون فلمي ڪهاڻيون لکيائين.

شايع ٿيل ساهت :- ١٢ ڪهاڻين جا مجموعا، ۴ ننڍا ناول، ريڊيو ناٽڪن جو مجموعو، انگريزي ۽ روسي ناولن ۾ شيريڊان جي ناٽڪن جو انواد!

خاص لياقت :- سنگيت، فوٽوگرافي، هوميوپئٿي ۾ سڌو دخل رکي ٿو.

۽ اُن جي شادي ٿي وڃي اوستائين نٿي سگهي، ته مان ساڻس شادي ضرور ڪندس. سرڳواسي ياءُ ڏانهن احسان مڃيندڙ شخص آهيءَ نٿو ٿي سگهي. مان سمجهان ٿي ته هو هن گهر وارن کان سنو آهي. پنهنجن ٿي پريم ڏيکاريندڙن جي هن ريت مخول اڏائڻ مون کي نٿو وڻي." اِهو چئي سيتا پنهنجي جڳهه تان اُٿي ۽ هلي وئي. سيٺي سندس منهن تڪيندا رهجي ويا.

# چمپا

## ليکڪ :- ترلوڪ نين گوبندچند

ڪوبراج رام سوامي چوڌري جو سپاٽر آهي. بي. اي، بي. ايل هوندي به وڪالت نه ڪئي اٿس. مارڪسواد جو سنو جاڻو. ڪجهه ڏينهن تائين آنڌرا ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جو سيڪريٽري ٿي رهيو 'ريتووڊا' ۽ 'گرهه پرديشم' فلمن ۾ ڊائلاگ لکيا اٿس. 'لڪشما' 'پوله والو' وغيره فلمن جو ڊائريڪٽر ٿي رهيو آهي. آنڌرا پرديش سرڪار ۾ ڊائريڪٽر آف پبلڪ رليشن ۾ ڪم ڪيو اٿس.

ڪهاڻيون، ايڪانڪيون، ناول، ريڊيو مضمون وغيره اَنيڪ لکيون اٿس. آنڌرا پرديش جي ڳوٺاڻي جيوت جو حقيقي چٽو چٽيو اٿس. پوسٽ چٽي 'اُتر الوال' يا پوسٽ ڪيل خط' ۾ نالي لئو گرنٿ جي رچنا ڪئي اٿس. سندس رچنائون طنزي ۽ سوچڻ لاءِ مجبور ڪندڙ هونديون آهن.

### چمپا

"هوءَ هن گاڏيءَ ۾ ايندي، ان جي نوڪي خبر ڪيئن پئي؟" مون شاستريءَ کان پڇيو.

"چهه وڳي رهيا هئا. بمبئي جي گاڏي اڃا ڪ ۾ هوندي." هن چيو. شاستري ۽ مان پليٽفارم تي بيٺا ڳالهائي ٻولهائي رهيا هئاسين.

"اڄ ٿي هن تار ڪئي آهي." شاستري وري چيو.

آميه پاوناڻن کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهــي. ڪهڙا آهيو اوهين؟ مون کي ”پنهنجي لاءِ“ ٻڌائڻ ۽ پرچار ڪرڻ جو ساهس! ڇا توهان مون کي ٻه ڀاڱا جيان آميه ٿا سمجهو؟ شايد چاهيو ٿا ته مان به اوهان جيان آميه ٻڻجي وڃان.

ق - ب

شاستريءَ جو خط ڪاميشور پڙهيو هو. ڪلهه ڪلهه هن جي پيٽ پروت پڙهي ويا. هاڻ به جڏهن اُن جي ياد ايندي آهي، ته خوب کلندو آهي. ڪڏهن اڪيلو اڪيلو کلندو آهي. هان، هڪ ڳالهه پئي رهجي ويئي. شاستري جي خط پڙهڻ کانپوءِ توهان ڏانهن ڪاميشور جو سنهيه تمام گهڻو وڏي ويو آهي.

هي هو هن جو خط جنهن کي پڙهي اوهان ڄاڻڻ چاهيندا، ته منهنجي حالت ڇا ٿي. مان مهني ٿائين بستري ۾ پيو رهيس.

# پٿر جي مورتي

## ليک :- چنتا ڏکشتولو

جنم :- ۱۸۹۱ ۾ اوڀر گوداوري ضلعي ۾ ٿيو. سنه ۱۹۱۳ ۾ راجمهيندر ورم مان بي-اي ڪري ۱۹۱۵ ۾ مدراس ۾ ايل-ٽي پاس ڪيائين. انيڪ جڳهين تي پاڙهڻ جو ڪم ڪيائين. ۽ ڪيترن ضلعن ۾ اسڪولن جو انسپيڪٽر به رهيو. ۱۹۱۹ ۾ هن جي هڪ گرنٿ "پريتا مواد لتا لئي درشن" تي راموبو انعام حاصل ڪيائين.

رچنائون :- راجگري راجو (ناول) ۱۹۱۳، ايڪادشي ۱۹۲۵، ڏکشتو لوڪتلو، داسري پاٽ، وٽي راءِ وڪتلو وغيره (ڪهاڻين جا مجموعا) شبري (ناٽڪ) ٻروجا وانگيميمو (ليکن جو مجموعو) لکڪ، پدتلو (گيتن جو مجموعو) فيٿري ٽيلس (بال ساهتيه) ان کانسواءِ ڪيترائي ايڪانڪيون.

آندرا پرديش جي ساهتيڪارن ۾ سڀ کان قداور شخص آهي. هڪ ڀي پانهن تي ندي گوداوري پار ڪٽي هٽائين شري رمڻ مهرشيءَ جو پڪيت آهي.

## پٿر جي مورتي

مون پترو شاستريءَ کان سوال پڇيو، "تياگ چاڳي چوندا آهن؟ شاستري جي!"

پترو شاستري پوڄن کان فارغ ٿي، انگوڇي سان هٿ اگهندو،

# بيابان

## لکڪ:- شري نوري نرسنهه شاسٽري

جنم: ٢٦ جنوري ١٩٠٠

جڳهه: گنٽور

١٩٢٥ ۾ بي - ايل پاس ڪيائين. ريپلي ۾ وڪالت ڪيائين. جڳت گرو ڪلياڻانند ڀارتي مهنتا چاريه ڀاد اوهان جو دڪشا گرو آهي. ١٩٤٧ ۾ ڪوي سمراٽ جي پدوي حاصل ڪيائين. ڪنڙ ۽ سنسڪرت جو ايڀياس ٻ. ڪيو آئس.

رچنائون:- گيت مالڪا (کنڊ ڪاويه) ١٩٢١

سومنات وجيم (نثري نظم) ١٩٢٣

پاڇوت وڻارڻم (ڪاويه - ناٽڪا) ١٩٣٣

ناراٿڻ ڀٽ (اتهاسڪ ناول) ١٩٤٩

شوي ديوي پاڇوڻم (ٽي سڪند) ١٩٥٠

ردرما ديوي (اتهاسڪ ناول) ١٩٥٠

ڪرپور ديوپ ياترا (ٻارن جي آکاڻي) ١٩٥٤

بگهيرا (پوڙ ڪال جو ناول) ١٩٥٥

تيلگو ڀاشا سمتي طرفان سنه ١٩٥٠ ۾ ناراٿڻ ڀٽ ناول لئي انعام حاصل ڪيائين. ڀلا ريڊي (ناول) ۽ آنيڪ ڪهاڻيون، ناٽڪائون، کنڊ ڪاويه ۽ مضمون اُچا شايع ڪانه ٿيا آهن. ١٩٥٤ ساهتي سمتيءَ جو سيڪريٽري آهي.

” ورشيواج ڏانهن ڀهچڻ ۾ گهڻا ڏينهن لڳندا ؟“

” هن ريت هلندا رهياسين، ته ٽن ڏينهن ۾. پر تيستائين ڪيترا جيئرا رهندا ؟ مهاراج !“

” آهستي آهستي هلياسين ته پوءِ ؟“

” هڪ هفتو.“

” ڇگو رفتار پوري ڪئي وڃي. پر ڇا دشمن جي سينا جي ڪا خبر ملي آهي ؟“

” جي مهاراج ! ٽيو ڏينهن هنن ورشيواج لي ديرو ڏمايو آهي.“

” هنن جي سينا جي ڪهڙي حالت آهي ؟“

” جهڙي جو تهڙي.“

” اسان مئان ڪنهن مارڻ جادو جو استعمال ته ڪونه پيو ڪيو وڃي ؟“

” نه مهاراج ! مئان اس هجي ۽ هينئان ليمت ته مارڻ جي جادوءَ جو ڪهڙو ڪم ! مهاراج.“

منتري اهو چوندي پنهنجي چپ ڪري چڪ پاتو. پر مهاراج شانت لي رهيو.

” هن هنسا ڪانڊ جو ڪارڻ اسان خود آهيون. ٻهراڻ وديها ديش کي سزا ڏيندا سين. پوءِ پنهنجي لاءِ جوڳو پراشچت سوچيندا سين.“

” هاڻ انهن سيناڻن سان گڏ اٿي ڀهچي وديهين مئان سوڀ حاصل ڪرڻ ناممڪن لڳي ٿو.“

” دشمن جون سينائون ورشيواج لي ايترو لڪڙيون ڪئن پهتيون ؟“

” هنن جي قسمت سٺي آهي. ٻنيان ٿهرايل سڙڪ، جيڪا ڪڏهن واريءَ هيٺان دٻي پيئي هئي. ٽيون ڏينهن طوفان سبب ٻاهر نڪري آئي. ۽ هنن جي قسمت چمڪي وئي. پر اهن طوفان اسان جي رستن کي ڍڪي ڇڏيو.“

# آخرين خط

ليکڪ:- شري موڪ پاٽي نرسمھ شاستري

جنم - ١٩٠٢ع
جڳھ: گنڊريڊو نالي ڳوٺ، ضلع اوڀر گوداوري.
تعليم: مڇلي پٽڻم. ١٩١٤ کان ١٩١٨ تائين ايڊنبرا يونيورسٽيءَ ۾، اسڪاٽلنڊ ۾ ڪڙمي وگيان جو اڀياس.
رچنائون: ٻيريسٽر پاروتي شنم، ايڪو درلو (ناول) پرتيبھ مولو، ڪنوي ونوي (ڪهاڻين جا مجموعا)، موڪ ووڊي (ايڪانڪي)، ريڊيو ناٽڪ ۽ انيڪ ڪهاڻيون لکيون اَٿائين. مذاقي رنگ ۾ هڪ وڏي گرنٿ جي رچنا ڪئي اَٿس. 'شڪتي' ۽ 'ڪلا' مخزن کي ايڊٽ ڪيو اَٿائين.

## آخرين خط

پارٿسارٿي پنهنجي آخرين سفر جي تياري پوري ڪري ورتي آهي. دل ۾ نه ڪو ڏک اَٿس، نه ئي ورتي ڪنهن طرح جي گهٻراهٽ. پهرين ڪجهه ڊنو ضرور هو، پر هڪ ڀيرو زندگيءَ جو انت ڪرڻ جو فيصلو وٺڻ بعد ڏک گم ٿي ويو.

رات جا ٻه وڳي رهيا هئا. ٻاهر چانڊوڪي ڦهليل هئي. ٿڌي ٿڌي هوا هلي رهي هئي. چوطرف گلن جي مهڪ ڦهليل هئي. پارٿسارٿيءَ کي ائين لڳو، ڄڻ خود قدرت تمام خوشيءَ سان کيس وداع ڪري رهي آهي. ۽ اهڙي وقت ۾ ڀلو کيس ڇا کپندو هو!

پر هنجي من ۾ هڪ ڳالھ بار بار کٽڪي رهي هئي. انهيءَ

بند ڪرائي ڇڏيو. ٻاھر ھن جي ٻارن کي ٻڪاري ٻڌائي ڇڏيو. ۽ آخر ۾ منھنجي ڪري نئي ويچارو جيل مان ڇٽي ٻه ڪڙھائي ڪڙھائي مري ويو. ھن گھور سنسار ۾ معصوميت ۽ ٻاجھ مورتي جي درشن جو موقعو پائي، ٻوڏام ڪري ٻوجھ ٻدران، سندس أيمان ڪري، ماري سمنڊ ۾ وھائڻ وارا ورلائي ٿيندا آھن. ان کان وڌيڪ ڪڪرم زندگيءَ ۾ ٻيا ڪھڙا ٿا ٿي سگھن؟

پٽ، تون منھنجي باري ۾ چاھي، ڇا به سمجھ، مونکي منظور آھي. پر منھنجي انھن ٻنھي مھان آپراڌن کي نه وسارج. أھڙا پاپ ڪرم تون پنھنجي جيون ۾ ڪڏھن به نه ڪج. پٽ ھاڻ وڃان ٿو. ڇا ڪريان؟ آخرين وقت ۾ تون منھنجي ويجھو ناھين، اھو ھڪ طرح سان ٺيڪ ئي آھي.

پارسارٿي ٽائيو خط سماپت ڪيو. ھن کي لفافي ۾ بند ڪري ميز تي ٽڪاڻي رکي ڇڏيائين. اٿي بيٺو. آلس ڀڃيائين. آخرين ڀيرو سڄي گھر جو چڪر ھنيائين. باغيچي مان گھمي آيو. ڪمري ۾ موٽيو. کيسي مان ھڪ گولي ڪڍيائين ۽ وات ۾ وڌائين. پاڻيءَ جو ھڪ ڍڪ پيئائين. ۽ پلنگ تي ليٽي پيو.

# فرسٽ ڪيس

## ليکڪ :- شري مني مانڪيم نرسمهه راءِ

جنم :- ١٨٩٨ع
جڳهه :- سنگم، جاگرلمڊي (گنٽور ضلع) آنڌرا ۾ وڄيه نگرم ۾ پڙهائي ختم ڪري بي - اي، ايل ٽي ٿيو.
هندو ڪاليج هاءِ اسڪول، مڇلي پٽنم ۾ ٢٥ ورهين لاڳيتو اتهاس جو اڌياپڪ رهيو. ٽيهن کان وڌيڪ ڪهاڻين جا مجموعا شايع ٿي چڪا اٿس.
رچنائون :- 'وڪر ريکا'، 'شرت راجولو'، 'ووڪولل' 'راڌا بابو'، 'ترو مالڪا'، 'ڪانتم'، (ڪنفيس جي شڪل ۾) وغيره ناول. گرهه پرويشم (ناٽڪ)
شايع ٿيل :- 'اسٿتي'، 'چمتڪار - سمڀاشڻ'. اَنيڪ مضمون، طنزي 'تر جو ماڻ استاد'، 'اڌياپڪن جون مصيبتون' وغيره. گرهست جيون جي گهٽنائن کي ڪشش ڪندڙ روپ ۾ لکندو آهي. خاص ڪري ايڪانڪيون لکيون اٿائين، 'ڪانتم' نالي هڪ خاص پاتر جو سرجڻ به ڪيو اٿس.

### فرسٽ ڪيس

ايجنٽن جي ميٽنگ سماپت ٿي وئي هئي. هرهڪ پنهنجي پنهنجي راهه ورتي. سڄي سال ۾ جنهن جنهن جيترو بزنيس ڪيو

توهان ڏينهن پورا ٿيا آهن ڇا ؟ جو ويچاري ٻار سان اهڙيون منحوس ڳالهيون ڪيئه ؟"

هڪ پڇيو،" توهان جي پڻ جي موت سان روئڻ جو ڪهڙو مطلب هو؟"

سيٺاڻي ڪيس گهوري ڏسي رهيا هئا. هن سوچيو هاڻ سندس خير ڪونهي. ٻيجواڙا جنڪشن جي پليٽفارم تي ٽرين جي بيهندي ئي فٽ بورڊ تان ٽپو ڏنائين ۽ پوءِ بر شامل ٿي غائب ٿي ويو.

اُن ٻڍيءَ، ٻڍي ۽ مامي ۽ گاڏيءَ جي ٻين مسافرن جو اهو ئي فيصلو ٻڌو، ته هو ڪو هڪ پاڳل ئي هو.

# پٽر - سنتان

## ليکڪ:- شري آنندي نارائڻ سواهي

جنم:- سنه ١٩٠٧ع ۾
جڳهه:- منگل - گري، ضلع گنتور
١٩٣٠ ۾ پهرين ڪويتا رچيائين. ١٩٣٤ ۾ پهرين ڪهاڻي لکي شايع ڪرايائين. 'آنڌرا سيما نائڪ سماج' جو ٽي سال سنپادڪ ٿي رهيو. سنگيت ۽ چتر ڪلا ۾ سٺي داخلا آهي. ڪجهه ايڪانڪيون ۽ 'رجني ڪماري'، 'آلـالـو پٽا' نالي ٻه نـاول لکيائين. 'ويتا سمولو'، 'سنهيه هتود'، 'اپاسنا - ٻلمو' نالي ٽي ڪهاڻين جا مجموعا شايع ٿي چڪا اٿس. اٽڪل سو کن ڪهاڻيون لکيون اٿس.

### پٽر سنتان

سيتا اَما ڇوٽون پيرو پيٽ سان ٿي هيلتائين کيس ٽي ڌيئرون ٿيون هيون. ان ڪري بار بار دل ۾ شڪا اٿي ٿي ته هن ڀيري به ورِي ڌيءُ نه ڄمي. هوءَ پٽ لاءِ تمام سڪايل هئي.

ڪڏهن به ڪنهن عورت جي ڪڇ ۾ پٽ ڏسندي هئي، ته ڪائنس وٺي گود ۾ کڻندي هئي. جيستائين ٻار جي ماءُ ڪائنس واپس نه گهرندي هئي، ته هوءَ واپس نه ڪندي هئي. جيڪڏهن اها عورت ڪائنس پڇندي هئي، "توکي ڇا ڪو پٽ ڪونهي؟" ته منهن لٽڪائي وراڻي ڏيندي هيس، "هيءَ صورت ڇا پٽ جي ماءُ جـــي ٿي لڳيئي؟" ٻارڙي جو ڪر ٻار پاجامو، ڪرتو،

ٿيندي اوهان جي ڳالهين کي مڃيندي، اوهان جي نظرن جي سامهون آسان پنهنجي حياتي گهاريندا سين."

بس ڊير ڇا جي هئي؟ چنڊي پنهنجي پنهنجي شرڌا ۽ شڪتيءَ جي مطابق ڏيئي وٺي هڪ ننڍڙو ۽ خوبصورت ڪاجوءَ جو ٻن ڳوٺ ۾ ورتو. اُن ۾ مٽيءَ جون ديوارون ڪٽايون. تاڙ جي ڇت هيٺان ٻن ڪمرن واري هڪ جهوپڙي خريد ڪئي. ۽ ٻئي ڪسي اُتي رهايائون. هر هڪ طرفان هر مهني جي ٻهرين تاريخ ڏهه ڏهه ڪري ڪل چاليهه رپيا ٻچي ويندا هئا. باغيچي جي وچ ۾ سندر ڪٽيا. ڪٽيا وٽ مٺي پاڻيءَ جو کوهه. چوطرف ڦلن ڦولن سان ڀرپور ساوا سبز وڻ. وڻن تي طوطا، مئنائون، ڪبوتر وغيره اڏامي اچي ويهندا هئا. ۽ پنهنجي مڌر ٻولين سان ٻنهي پتي پتنيءَ کي آنند جون لوليون ڳائي ٻڌائيندا هئا. هاڻ هو شانتي سان جيون گذاريندي ڌيان - ڀڄن ۾ مگهن رهندا آهن. ڪٽيا چالو رستي کان ڪجهه پريان آهي. ان ڪري ايندڙ ويندڙ راهي ڪٽيا ۾ اچي منو جل پي، باغيچي جي ٿڌين هوائن ۾ پنهنجي ٿڪاوٽ مٽائيندا آهن. مهمانن ۽ مسافرن جو ستڪار ٿيندو رهندو آهي. هر مهني گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو چارئي ڏيئرون ۽ چارئي ناني اچي هنن جو درشن ڪري ويندا آهن.

# مؤلسري جي مالها

## ليکڪا:- شريمتي ڪومورپ پدماوتي ديوي

جنم:- سنه ١٩٠٨

جڳهه:- راج مهيندورم، ديوان بهادر گوڙي پاٽي وينڪٽرام ٽيا جي ڌوهٽي، شري ڪومور وينڪٽراميا جي پتني آهي. ڪيس هڪ پٽ ۽ ٻي ڌيئرون آهن. تيلگو، ڪنڙ ۽ انگريزيءَ جو سٺو گيان اٿس ١٩٤٠ ۾ ڪرناٽڪ ساهتيه پريشد جي سرسي اڌيوشن (ڪنوينشن) جي اڌيڪشيه رهي چڪي آهي. روزاني اخبار 'آندر-پريا' ۽ 'پرمدا-ون' 'آنڌرواڻي' ۽ 'مهلا' جا ڪالم سنڀاليا اٿس. ناٽي پتري راڳهوا چاري سان گڏ رهي هوءَ رنگمنچ تي به مشهور ٿي. سنيما جي کيتر ۾ به ڪيترائي رول ڪيا اٿس. مدراس ريڊيو ڪيندر ۾ به ڪيترن ٻال ڪارين ڪرمن ۽ استري ڪارين ڪرمن کي پروڊيوس ڪيو اٿائين. ٻه ڪهاڻين جا مجموعا "پوگڊيمب" ۽ "ڪتا ساگرم" شايع ٿي چڪا اٿس. ١٩٥٦ ۾ گروهه لڪشمي سورڻ ڪنڪڻ نالي انعام حاصل ڪري چڪي آهي.

### مؤلسري جي مالها

"سيتا! سيتا!" سڏيندي پدما پنهنجي دروازي تي بيٺي بيٺي سڙڪ جي ٻنهي طرفن ڏانهن ڏسي رهي هئي.

"هاءِ دادا کهڙي ڇوڪري آهي! سڀ اچي ويا آهن، پر

”هيءَ وٺ مالها، منهنجي ڳلي ۾ وجهه.“ شنڪرم سيتا جي منهن تي چمين جو وسڪارو ڪيو.

”هو مون کي ماريندا.“ چوندي سيتا شنڪرم جي گود کان الڳ ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

”اون هون. هاڻ توکي ڇڏيندس ڪانه. منهنجي سيتا، منهنجو تلاءُ، منهنجا وڻ، منهنجا گل، منهنجي مالها هاڻ تون وٺندينءَ، ته وري واپس ڪانه ايندين!“ چوندي شنڪرم سيتا کي ڇاتيءَ ۾ دٻايو. هو خوش ٿي رهيو هو. پاڳل جڏهن پرسن ٿيندا آهن.

پوليس ۽ پبلڪ ٻنهي جي ڀيڙ لڳي وئي، هنن جي چوطرف. اهو ڏسي سيتا شنڪرم جي پڪڙ ڇڏائي ڊڙام سان تلاءُ ۾ ٽپي پيئي. پبلڪ اڳيان وڌي تلاءُ ۾ ڏسڻ لڳي. پوليس کوج ڪرائي سيتا ٻڏي سا ٻڏي، هن جو لاش به هٿ نه آيو. ٻما جي هاهاڪار سان سڄو ماحول گونجي اٿيو. مندر ۾ گهنڊ وڄي اٿيا.

پڳلو شنڪرم ٿڪ ڏيندو سدائين تلاءُ ڏانهن نظرون ڄمائي ويٺو هوندو آهي، ته متان هوءَ نڪري اچي. ماڻهو ساڻس ڇيڙڇاڙ ڪندا آهن، پٿر هڻندا اٿس. پر ڪيس ڪنهن جي به پرواهه ڪونهي، گل چونڊڻ ۽ مالها پوئڻ ۾ مست آهي، ۽ سيتا جي موٽي اچڻ جي آس لڳائي ويٺو آهي.

# ورکا

## ليکڪ:- شري آڏيوي باپيراجو

جنم:- سن ١٨٩٥ع ۾

جڳھ:- سري ٻلي جي ويجھو ڳوٺ (پيمورم) جي ويجھو، الھندو گوداوري ضلع. ١٩١٥ ۾ راجمھيندرم مان بي. اي. پاس ڪرڻ بعد پرنسيپال او. جي. ڪولٽري کان متاثر ٿي چتر ڪلا ۾ داخلا ورتائين. ١٩٢٢ جي آندولن ۾ هڪ سال لاءِ سزا کاڌيائين. مڇلي - پٽڻم جي قومي ڪلا شالا ۾ پرمود ڪمار چٽوپاڌياءِ جي نظرداريءَ هيٺ چتر ڪلا جو ابياس ڪيائين. ١٩٢٩ ۾ بي. ايل جو امتحان پاس ڪيائين قومي ڪلا شالا ۾ چئن سالن تائين صدر رهيو. سندس هڪ ناول 'نارائڻ راءِ' تي ١٩٣٤ ۾ آنڌرا يونيورسٽي طرفان انعام مليو. حيدرآباد ۾ 'ميزاج' نالي تيلگو مخزن جو سمپادڪ رهيو.

رچنائون:- ناول 'هم بندوو'، 'گون گنا ريڊي'، 'نوپانو' 'ڪونڪي'، 'نرودو'، 'جاجي ملي' 'ادڀوي شانتي شري' 'انشومتي'، ڪهاڻين جا مجموعا 'انجلي'، 'راڳ ملڪا'، 'ترنگڻي'، 'تلوڪا نريم' انيڪ رچنائون، ريڊيو ناٽڪ، ڪهاڻيون مضمون وغيره.

انيڪ چتر ناھيا آھن. وديشي انعام ۽ سنمان حاصل ڪيو اٿس. فلم جو هدايتڪار. سٺو تارو هو. ١٩٥٢ ۾ سرڳواس ٿيو.

## ورڪا

گاڻ جا وچڙا ، ٻڌ ڙي ٻڌ!
جڳگيپيٽ ۾ ويٺي هيس مان-
ڪسي ورلي دل آئي ڪنهن
چوڙي ڪولي ، ٻڌي جوڙو
لڳايم ٽڪو سندوري -
آئي ڪل ڏسي تنهن ڏينهن
منهنجو اُهو سينگار انوکو
رنگبرنگي گابا ٻڌي وٽ.
خوب ڪڏڻ (نچڻ) وارا ٻڌ
پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌي ٻڌي
ناچ نچڻ وارا ٻڌ!
شهشن جڙيل چولي اٿين آئي ملي -
قالي به نه هئي ، نه پيشا پرديس هليو ويو.
ڪوٽيا ترٽا مان وچي آندائين
منهنجي لاءِ منهنجو من پسند چوٽيلو
وارن ۾ ملائي مان جوڙو ٻڌو
پلو به نه ٿيو هو جو پيشا پرديس هليو ويو
ٽن زپين واري هئي - مٽي جي ٻندي
ٽڪو بگڙيو به نه هو پيشا پرديس هليو ويو.

گيت جو سر ورڪا جي رم - جهم جي تال ۾ ولين ٿـــي رهيو آهي. هڪ ننڍڙي جهوپڙي اُن جي چوطرف خالي جڳهه ۾ تاڙ-پترن جو گهيرو ، وڻن جڳهن جا گهيرا. ۽ اُنهن ۾ گهنڊي جا وڻ. گهنڊي ۾ سونهري گل لڳل آهي. جهوپڙيءَ جـــي ڏيـڍيءَ تي نيلالو ويٺي آهي.

نيلالو وار سنواريا ڪونهن. هاڻو ، بڪا رنگيا جي دڪان تان

# ديش جو سنديش

لیکڪ :- شري 'بچي بابو' (شوراجو وينڪٽ سباراو)


جنم : ايلور ۾ جون ۱۹۱٦

تعليم : بي . اي ( آنڌرا يونيورسٽي ) ۱۹۳۸. ايم. اي (مدراس ناگپور) ۱۹۴۰ - ۱۹۴۱. اننت پور ۽ والتيئر ۾ انگريزي جو پروفيسر رهيو.

۱۹۴۵ ۾ آل انڊيا ريڊيو ۾ پروگرام اسسٽنٽ رهيو. چٽر ڪلا ۽ رنگمنچ ۾ رچي رکي ٿو.

شايع ٿيل گرنٿ :- 'آيدو ڪٿلو' (ڪهاڻين جو مجموعو ۱۹۴۹)، 'ميدا - ميٽلو' (ڪهاڻين جو مجموعو ۱۹۵۱)، 'دارين پوين دانيما' (ايڪانڪين جو مجموعو) 'آلم ونچيدا' (ناٽڪ خاص انعام حاصل ڪيل ۱۹۵۱) 'چورڪو مگيليدي' (ناول ۱۹۵۲) 'آمر اللالو' (ناٽڪ ۱۹۵۳) 'آڏيتالو' (۱۹۵۴) 'نونٿو ئويم' (ڪهاڻين جو مجموعو ۱۹۵۵)، 'عمر خيام' (رنگمنچ ناٽڪ ۱۹۵٦).


## ديش جو سنديش

”چا ٿيو؟“

”رهجي ويس.“

”مون کي خبر هئي. ناچ گاني، کيل تماشي ۾ لڳل ماڻهو کان ڪهڙي پڙهائي ٿيندي آهي؟“

”منهنجي امتحان ۾ پاس نہ ٿيڻ ڪري ديش جو ڪهڙو نقصان ٿيندو؟“ جواني جي جوش ۾ مون چيو.

”ته اِها نمونيا تمام مهانگي بيماري آهي؟“

اِس رنگدائن نمونيا جو ورڻ شروع ڪري ڇڏيو. اَسين ٻئي شاديءَ جي منڊپ ۾ ٻهچي ويا سين. گـلاب پاشيءَ لاءِ رنگدائن کي سڏ ڏيو هو. هو ويو ته موں کي شانتي ملي.

پر گهڻي دير لاءِ نه.

يار دوست ۽ واقفڪار گڏ ٿي ويا هئاسين، پاڻ ۾ ڳالهائو ڪن هئاسين. ڪنوارين جي ڪنجوسي جو قصو هلي رهيو هو. لمبي قد، وڏن وارن، ڪلهي تي زريءَ جو بوچڻ، ڪـوٽ جي کيسي ۾ کيسي جي گهڙي وارو شخص ان ۾ خاص چاهه وٺي رهيو هو. اُن شخص مهنجي پاسي ۾ ويٺل شخص کان پڇيو، ”توهان ڪنهن جي طوفان آهيو؟“

تنهن تي چشمي واري شخص جواب ڏنو ته، هـو ڪنوارين طوفان آهي.

”اوهان ڇا ڪندا آهيو؟“

هن ٻڌايس.

جيڪو جيڪو پڇيائينس ٿي، هن ٻڌايس ٿي.

”گهڻو ملندو اٿو؟“

هڪ ئي وقت سڀ سيا سماڏان لاءِ ايڪاگرتا سـان چشمي واري شخص ڏانهن ڏسڻ لڳي، ڄڻ هاري کيتن جـي پاڻيءَ لاءِ بادلن ڏانهن ڏسندا آهن.

چشمي وارو شخص گهٻرائجي ويو، بادل مڙيا هئا.

”اَسي“ هن وراڻيو.

برف جي ڳون سان برسات شروع ٿي.

وڏن وارن واري شخص ٽوڪيندي چيو،

”اَسان جو هڪ ماڻهو ته اوهان جي آفيس ۾ ڪم ڪندو آهي. هن ته چيو ٿي ته اوهان کي چاليهه رپيا پگهار ملندو آهي.“

(رڙائو به هوندو ته) "پيدشن گهٽي ملندي اٿيئي؟" هدن جا پاونا گيس.

مون کي ڏيڻو ناهن، ان ڪري ناٿي به ناهن. هڪن ته أنهن جو سو نوالو هوندو.

"ناٿيءَ کي چا ڏيندين؟"

"پٽ کي چا ڏيندين؟"

(وڏو ڪنٽب هجي ته) أنهن کنب ـ ڪاوڻ جــي ڏن ئي الڳ هوندي.

"پهرئين کي به سؤ!"

"ٻئي کي هڪ سؤ!"

"پڙهائي گهٽ، في وڌيڪ."

"مورک کي ڪجهه به نه."

۽ ويچارا گيان جــي پيا گاڇا ڪرڻ وارا لڳ ڀڳ مدهڊا هم عمر ئي آهن. هدن جو رنگ پڻ الڳ آهي. أها به هڪ ڪلا آهي. وچ سڙڪ تي نه هلي گهٽين ۽ پاڙن مان هلندا آهن.

رامداس ۽ مان ريلوي جـو سفر ڪـــري رهيا هئاسين. أسين پنهنجي هڪ واقفڪار ڪنٽب راو جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا هئاسين.

"ويچارو ڪنٽب راو..." رامداس چيو.

"ها، ها!" مون بدا ٻڌڻ جي ئي چيو.

"هن جي پگهار مان ته مدهڊا جيڪو سگريٽ به نه أچن."

مون کي خبر نه هئي ته رامداس کي چا ملندو هو. چگو أٿس، چگو خاصو ملندو آٿس.

"ويمو تو گهٽي جو ڪرايو آهي؟"

"نه ڪرايو أٿم."

”ڪجهه ڀ نه ڪرايو آئيٺي؟“ رامداس کي منهنجي وڃي نه ڪرائڻ تي عجب لڳو.

”ڇگو، ٻڌڪ ۾ گهڻو آئيٺي؟“

”زيرو.“

رامداس آواڪ رهجي ويو.

”آخر ڇو؟ گهوڙي جي ريس .... يا ... ٻرو نه سمجهه. اهو خيال من ۾ آئي ٿو.“

مان خاموش رهيس.

”سڄي پگهار جو ڇا ڪندو آهين؟“

”جيترو ملي، اهو هوا تي ويندو آهي.“

”تنهنجي ٻمت جي سائنز؟“

اهو سيٺ مزدن جو طريقو آهي. منهن تي چيٺي جو پاڻي نه هٽندا آهن، پر اُن ۾ ٿورو گلاب جل ملائيندا آهن.

”ڇو، ڳالهائين ڇو نٿو؟“

”جيڏو وڻ، اوترئون ٽاڙيون.“

”ڇا ٻارن لاءِ ڇڏيو آئيٺي؟“

”توهان کي گهڻا ٻار آهن؟“ هن پيري موڙ ٻڇيو.

هن سڀ تفصيلن سان ٻڌايو. وڏو رنگون ۾ آهي، هن جو پگهار آهي، ٻي سؤ رپيا. پاڳ سان اسٽيشن اچي ويٺي. گاڏي بيٺي. ٻگڪ سڀيالي پليٽفارم تي لٿس. راجا راءِ جو پٽ گنگارام نظر آيو. منهنجي هٿ مان هن ٻگڪ ورتي. وڏي اُتساهه سان چيائين، ”ڪٺن سائين، اوهان ٻڌو هوندو تہ موڻ کي نوڪري لڳي آهي.“

”خوشيءَ جي ڳالهه آهي.“

”شروع ۾ سؤ رپيا. توهان کي گهڻو ملندو آهي؟“ پنهنجو پگهار ٻڌائيندي، هو منهنجو پگهار ٻڇي ويٺو.

# ڪ، ک، گ

## ليکڪ:- شري ملادي رامڪرشن شاستري

ڄمڻ:- جون ١٩٠٥

تعليم:- نوبول- ڪلا- شالا مڇلي پٽڻ ۾ ورتائين. مدراس يونيورسٽيءَ مان ايم. اي ڪيائين (١٩٣٤). ويدن جو ابياس ۾ ڪيو اٿس. ناٽڪ، النڪار وياڪرڻ (گرامر) ۾ خاص شوق اٿس. ٻين ڀارتي ۽ يورپي ڀاشائن جو ابياس ڪيو اٿس. اٽڪل ٻه سو ڪهاڻيون، ڊائلاگ ۽ گيتن کي لکڻ ۾ ماهر آهي.

## ڪ، ک، گ

اڳيان وڏي ڪڏهن مهاڀارت جي پندرهن اڌيائن جو آنڌري، ڪرڻ ڪرڻ واري ننڪڻ سوميا جي ٿيندڙ پتا، شري گنٽور ڪومندا جوانيءَ ۾ پير پائيندي ئي پيءُ سان جهڳڙو ڪري ورتو هو.

جهڳڙو ان ڪري ٿيو هو، جو پتنيءَ کي وداع ڪرائي گهر آڻڻ جي باري هڪٻئي جي رضامندي ڪونه بيٺي هئي.

هن جي شادي پنهنجي مامي جي ڌيءَ سان ٿي هئي.

ٻه مڱڻي پڪي ٿيندي ئي سيٺن جو هڪٻئي وٽ اچڻ وڃڻ ئي بند ٿي ويو هو.

ڪومندا جي ماءُ- پيءُ جي ارڻ پٽت پٽي هئي. ماءُ کي شڪايت هئي ته جيستائين سندن نهن پنهنجي ماءُ پيءُ جي

ٻڌي پاڻيءَ ۾ ٽپي پيو. ۽ ڊور هيٺ تائين وهندو هليو ويو. ۽ ۽ پوءِ هو مڙيو.

زوردار برسات وسي رهي هئي. گهرو انڌڪار ڇانيل هو. ڌارا تيز بڻجي ويئي هئي. اُن جي سهاري ڪومدنا آهستي آهستي ڪناري سان اچي لڳو.

ٻوڏ ۾ ڪي گهڙا وهي رهيا هئا. هڪ وچولي آڪار جو گهڙو هٿ آيس، جنهن جي سهاري هو ترندو ڪناري سان اچي لڳو هو.

ڪٿي دور هڪ ڏيٽي دکي رهي هئي. اُتي هو پهتو. ڪمل جهڙي هڪ جوانڙي آلن ڪپڙن ۾ ويٺي باهه سيڪي رهي هئي.

ڪومدنا هن جي سامهون وڃي ويهي رهيو.

"ڪير آهين تون؟"

"برهمڻ آهيان."

"برهمڻ آهين. ڀيرن تي ڀرانو." ڇوڪري اُٿي کڙي ٿي. هن پڇيو، "ڇا وهي آيو آهين؟"

"نه گهڙي جي سهاري."

"اُهي سڀ گهڙا اَسان جا آهن. ۽ سڀ جا سڀ گدگا مٿيا ٻوڙي ڇڏيا."

ڪومدنا من ئي من ۾ مشڪرايو.

هن پڇيو، "ڇا تون ڪنڀار آهن؟"

"اَسين ڪنڀر، ڀير ناهيون. منهنجو پيءُ مزدور لڳائي گهڙا وغيره ٺهرائي، فائدي سان وڪڻندا آهن. چڱو، هاڻ تون ڪائي، پي ڪٿان سگهندين؟"

"ڇا ويجهو ڪوئي ٻوٽ کائهي؟"

"آهي، پر ڪوهن تي آهي. پر رستي ۾ سڀ نديون اينديون تون ڪئن ويندين مهراج! اڄ هتي ئي رهي پئو! ڀکيو ئي سمهي رهج."

ٻرهمڻ هئا، تڏهن خاموش رهجي ويا. اهـي ته من جـي ڳالهه لڪائيندا آهن. اِها ٻين جي وس جي ڳالهه ڪونهي."
ڪومندا ٻي ڏينهن ٿي ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺو. ۽ چيو:
"ڇوڪري جو من ته آهي، پر ڏجي ٿو نچاڻان ڇوڪري ڇا سمجهي؟"
ڇوڪري ٿهڪ ڏيئي کلڻ لڳي. کلي اوندي ٿي. پوءِ ڪومندا جي ڳل تي هٿ ڦيرائيندي چيائين، "اِهو سمجهان ته هو تـو جهڙو ئي ڪو ماڻهو هو."
ڪومندا ڇوڪريءَ جـو هـٿ پڪڙيو. مٿي آسمان ۾ تارا مشڪرائي اٿيا.
صبح ٿي، اکين تـي اُس چڙهي. ڪومندا سمهيو پيو هو. نه نچاڻان ڇا ٿيو، هو ڇرڪي اٿـي ويٺو. ڏٺائين ڇوڪري ڪپڙا پيرن ۾ پائي رهي هئي.
"هي ڇا؟"
"هي منهنجي ڌرم، ڪرم جو ڦل آهي."
ڪومندا کي عجب لڳو
اِسنان، سنڌيا فارغ ٿيو. ڇوڪريءَ جي پاسي ۾ ويهي رهيو.
"منهنجو نالو آهي ڪومندا ۽ گوت..."
وچ ۾ ئي ڇوڪريءَ کيس ڪپيندي چيو،
"تنهنجي گوت جـي نالي ٻالي سان منهنجو ڪهڙو واسطو؟ مان ته سمجهان ٿي ته ڀڳوان توهان جي روپ ۾ مون مٿان مهرباني ڪري آيو آهي."
"تنهنجو بابا ڪٿي آهي؟"
"رات جيڪو طوفان آيو هـو، اُن ۾ سڀ ٻيڙ پنهنجو وهي ويا. اُنهن سيني کي ميڙڻو آهي نه؟"
"اينديءَ ٿي کيس ٻڌائي توکي ٻاڻ سان گڏ وٺي ويندس."

اڪڪندا وڏو تي سوميا جي ٻڌو. هن سنسڪرت مهاڀارت جو ليلڪوء ۾ نثر ۾ ترجمو ڪرڻ جو سنڪلپ ڪيو.

ڪوممندا ٻيو ٿي ويو. پر هن جي حاضر جوابي يا نظر ۾ ڪو فرق ڪونه آيو.

اڄي به ها نه ڇا ٿئي ها؟ چاڪاڻ تہ سندس پٽ پنهنجي مدورتف سڌي جي حاصلات لاءِ وڏو رچناڪار بڻجي ويو هو. ڪاڪتيه ونش جو مهاراجا گڻپتي ـ ديو هن جي آندرا ـ مهاڀارت جي چندن کي، جنن جنن اهي لکجي تيار پئي ٿيا، گهرائي وٺندو هو ۽ آدر سان انهن کي پنهنجي اکين لسي وکندو هو. ۽ رچناڪار کي سدمان طور انعام اڪرام موڪليندو رهندو هو. ان ڪري ٻيائي ۾ بہ ڪوممندا راجسي ٺاٺ ٻاٺ سان گڏ رهندو هو.

هڪ ڏينهن ڪوممندا جي دربار لڳل هئي. ٻئي شيوا ۾ حاضر هئا.

تڏهن گروناٿ اتي اچي پهتو. ۽ ڪوممندا کي ڏنڊوت پرڻام ڪري الڳ هٽي بيهي رهيو.

”ڪير آهين؟“

”درشن لاءِ آيو آهيان.“

”ڇا بابو ايڪاگر ـ چت ٿي گرنٿ رچنا ۾ لڳل آهي. درشن ممڪن ڪونهي.“

”جيڪا آگيا، مان تہ اوهان جي درشن لاءِ آيو هئس.“

”ڪهڙي ڳالهہ آهي؟“

”ايڪانت ۾ عرض ڪرڻو اٿم.“

”چڱو پوءِ ڪانپوءِ درشن ڪج.“

گروناٿ پرڻام ڪري اتي ئي ويهي رهيو.

”تون ڇا ڪانيمدين؟“

”جيڪو نصيب ۾ هوندو.“

ڪوممندا ڏسندو رهيو.

ٽڪڪندا ٻيءَ وٽ آيو ۽ پڇيائين، ”پتاجي هو ڪير هو؟“

”تنهنجو وڏو ڀاءُ.“

ڪوممندا کيس سڄي ڪهاڻي ٻڌائي.

ٽڪڪندا هٿ کڻي گروناٿ جنهن طرف ويو هو، ڏٺائين، ۽ ڏيان جي مدرا ۾ ويهي رهيو.

”پتاجي، مهاڀارت جي رچنا جو ڦل ڇا آهي، اهو مان اڄ سمجهي ويس. وياس ڀڳوان جي مهاڀارت ڪسي رنگ چاڙهي سڌاري لکڻ وارو ماهر مان آهيان. ڪوي، برهمڻ آهيان نه! منهنجو اهنڪار هٽائڻ لاءِ ڀڳوان هن روپ ۾ پڌاريو هو. مان نه اهوئي ٿو سمجهان. ڀڪ ئي ڀڪ ڀائي صاحب ڪوي آهي. ڇا مان به ڪوي آهيان؟“

”منهنجو ڀاءُ ٻيج - مها پونن ۾ شاسوت ڏڙڪندڙ ٻوم لتو جي پراڪاشنا آهي. ڀاءُ جي ڀاشا کي امرتا ۽ ناماچار پراپت ٿيندو.“

”پتاجي، سوميا جي ٻڌڻي سنڪلپ ڪيو هئم. ان ڪري مهاڀارت کي پورو ڪندس ٿي. پوءِ هٿ ۾ قلم کڻندس. ڀاءُ ڪوي آهي. مان به ڇا ڪو ڪوي آهيان؟ ڇا منهنجي ڪويتا به ڪويتا آهي؟“

# گهر خريد ڪيو

## ليکڪ :- شري ڪوهوري ويٽو گوپال راو

جنم جو هنڌ :- وجيه واڙا، تاريخ ۴-۹-۳۵ آتي ڏي تعليم حاصل ڪيائين. اڄڪالهه حيدرآباد ۾ آيورويد جو اڀياس ڪري رهيو آهي. ٻال پتريڪائون پڙهندي رهڻ سان چوڏهن ورهين جي عمر ۾ ئي لکڻ شروع ڪيائين هيلتائين ۱۵۰ ڪهاڻيون شايع ٿي چڪيون اٿس. "ڪوموري جون ڪهاڻيون" (ڪوموري ڪٿلو)، چور ٻار (ٻال دونگا) ٻه ڪهاڻين جا مجموعا ڇپجي چڪا اٿس.

اڻ شايع ٿيل ناٽڪ

(۱) ڪڪائون گهر (پڪڪوڻلو)

(۲) نئون ڊاڪٽر (ڪوتا ڊاڪٽر)

(۳) هڪ ڪلاڪ (اوڪ گهنٽا)

ناول

(۱) ننڍي پيڻ (چيڪڪا)

(۲) ڀهاڙن ڪان پري (دڳتالا ولتل)

### گهر خريد ڪيو

برسات جي موسم آهي. ڪالهه کان شروع ٿي. اڄ صبح جو ڦڙو ڦڙو شروع ٿي ۽ پوءِ زوردار برسات لڳي. وسڪاري سان ڪمري جو هڪ حصو نه هڪدم آلو ٿي ويو. ڏولي، ڪرتو نه ضرور ڀسيا، پر اڳيان وڏي هن دريءَ جا پٽ بند ڪيا.

هن چيو، ”تنهنجو مطلب ڪهڙو آهي؟ ڇا تون سمجهين ٿي ته ان ۾ تنهنجي ڪا به ذميواري ڪونهي؟“

پنهنجي ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ چڙندي چيو، ”منهنجو ڇا وڃي؟ جيڪو ڪيو ڪرايو.“

چدمبرم ٻيهر ڪونه ڇڏيو. قدم وڌائي هن جو ڪنڌ پڪڙيائين ۽ روڪي پڇيائين،

”چڱو ته ٻڌاءِ، مان جو به ڪندس، اهو توکي منظور آهي؟“

”ڇو؟ سڀ خبر اٿو.“

”ڪو اعتراض اٿيئي؟“

”مون ايپاڻ کي اوهان جي فيصلن جي سمجهه ۽ همت پڳوان ڏني ئي ڪٿي آهي؟“

”ته پوءِ ڊپ ڇو ٿي آهين؟“

”مون ڪهڙي ديڻپائي ڪئي آهي؟“

”مان ڄاڻان ٿو، تنهنجي اڇا ڪهڙي آهي؟“

”ڄاڻو ٿا، ته پوءِ پڇو ڇو ٿا؟“

”ڪجهه به هجي، توکي اهو ئي رشتو ٺيڪ ٿو لڳي؟“

هن ڪو به جواب ڪونه ڏنو.

”ايڏي هزار رپيا ڏيڻا پوندا نه؟“

هن چپ نه چوريا.

”قرض ڪڍي به اها شادي ڪرائڻ گهرجي. اهو ئي نه؟“

هوءَ وري به چپ رهي.

”جواب ڇو نٿي ڏين؟“

هوءَ چپ رهي.

”ڇا ڳالهائڻ ۾ پنهنجي بي عزتي ٿي سمجهين؟“

تڏهن به هن نه ڳالهايو.

”اڙي ڪجهه چوين ڇو ڪونه ٿي؟“ غصي وچان پنهنجي ڳل تي هٿ ڇماٽ هنيائين.

سهڻ جي شڪتي ٻڌي ٿيندي ٿي وڃيم. ڪڏهن ڪڏهن ڏيپ ٿو لڳيم، تہ ڪٿي پاڳل نہ ٿي وڃان.

اُن رات چدمبرم جي اک نہ لڳي. آخري رات صبح ٿيندي ٿيندي هڪ جهوٽو اچي ويس. ايتري ۾ ڪنهن ٻڪڙي کيس جاڳايس. اکيون مهٽيندي هو اُٿي ويٺو.

سامهون پتني بيٺي هيس. هن جي چهري جو رنگ لٿل هو، اکين مان آنسون وهي رهيا هئس.

”هن خط کي پڙهو.“

چدمبرم لڪڙو اکڙو خط پڙهيو. ٻولم پتر هو. اڪيلو هو، تہ هو جانڪيءَ کي ٻولم ڪندو آهي. هن لاءِ دل ۾ وشال جڳهہ خالي پيئي آهي. مٽس دِيا ڪرڻ گهرجي، نہ تہ هو مري ويندو.

چدمبرم جون اکيون سوخ ٿي ويون.

”هي ڪم ڪنهن ڪيو آهي؟“

”وڪيل صاحب جي پٽ نوڪرياڻي هٿان موڪليو آهي.“

هو هڪدم اُٿيو ۽ وڪيل صاحب واري حصي ۾ ويو. ڏيڍ سال جاڳڻ سبب وڪيل صاحب رات ۾ ڏندڻ ڪندي ٻاهر اچي رهيو هو.

”هي ڏسو اوهان جي سپاٽ جو مهان ڪارنامو.“ چدمبرم ٻما ڏيڍ جي چٺي ڏنو.

وڪيل صاحب سڄو خط پڙهيو. چهرو لهي نہ ويس، ٻر نہ ۾ پل اندر گنڀير ٿي چيائين:

”اسان جو ٻار اهڙا ڪم ڪونہ ڪندو هو.“

”سڀ ماءُ پيءُ ائين سوچيندا آهن، اوهان خود ڏسي نہ رهيا آهيو.“

”منهنجي پٽ اناولائي ڏيکاي آهي نہ اُن جو ضرور ڪو سبب هوندو.“ وڪيل صاحب شڪي نوع ۾ چيو.

قرض جي وصوليءَ لاءِ نوٽيس موڪلڻ کان اڳ ٽي سوالائي سال ڪم ٿي ويو."

گهر ۾ ڪنهن کي خبر به ڪونهي. ڪن اندر سڄو کيل ٿي ويو. قرض ڪٽجي باقي ٻي هزار ٻي سؤ رپيا چدمبرم کي حاصل ٿيا.

ڏينهون ڏينهن ڪمزوري وڌندي وئي. پاسو ورائڻ مشڪل ٿي پيس. اڄ رات جو تمام ڏينهن ڪانپوءِ هن پتنيءَ کي پاڻ وٽ سڏايو.

"پڌ! هتي اچ!"

پتني ويجهو اچي ويهي رهي.

"هتي ويهه."

هوءَ ويهي رهي.

"ڏس منهنجي بستري هيٺان رپيا اٿيئي." هٻڪندي هن چيو.

هن ڏسي ڪڍيا.

"هي رپيا ڪٿان آيا؟" هن عجب وچان پڇيو.

"گهر وڪيم."

پتنيءَ آنچل سان آنسون اگهيا. هن وري چيو، "ڌيءَ جي شاديءَ جو انتظام ٿي ويندو. ڪنهن لڪ نه ڏاجو ملندو."

ٿوري دير ڪانپوءِ بيهوشي ڇانئجي وئي. پٽس ڊاڪٽر کي وٺي آيو.

ڊاڪٽر نبض ڏسي چيو، "هيتري دير ڇو ڪيو؟ حالت خطرناڪ اٿس."

"ڇا؟" سڄي گهر ڇرڪ پريو.

"ها، اها ٻي ڳالهه آهي. مون کان جيڪو ڪجهه ٿي سگهندو ڪندس."

جئن تئن ڪري ڏينهن گذريو. رات آئي، هلي وئي. ٻيو ڏينهن به ائين ئي گذريو. ٽيون ڏينهن صبح ٿيندي ئي سڀ روڳيءَ کي گهيري ويٺا هئا. ٻه ٽي مٽ مائٽ به پهچي ويا هئا.

اُچانڪ ساهه منجهڻ لڳس. گلي ۾ گڙگڙاهٽ شروع ٿي ويس.
"اما!" وڏي ڏيءُ ماءُ جي گود ۾ مٿو رکي روئڻ لڳي.
ٺيڪ اُن وقت ٻال رمئيا جا ٻه ماڻهو اچي پهتا.
"گهر اندر مرڻ ڪونه ڏنو ويندو. ڪڍوس ٻاهر هلي رکوس."
ڪنهن ٻه ڪجهه به ڪونه ڪڇيو.
پٽس ٻارن جي مدد سان پيءُ کي ٻاهر ٿلهه ۾ وٺي وڃي رهيو هو.
ماءُ ڌيءُ سان لپٽي روئي رهي هئي.

# منڊي ۽ لوڻي

ليکڪ :- شري ڀيلوري شورام شاستري

جنم :- سنه ١٨٩٢ ، جڳهه :- ڪرشن ضلع
اڀياس :- نديڙ ۾ ترولپتي وينڪٽيشور ڪوي پائون جو جو شاگرد رهيو. اُن ڪانپوءِ جيمتي پاپيرت شاستري وٽ وياڪرڻ شاستر جو اڀياس ڪيائين.
لياقتون :- تاوڏاني ، سنسڪرت تيلگو ڀاشائن ۾ ودوان ٿيو. بينگالي ، گجراتي ، انگريزي ۽ فرينچ ڀاشائن جو ڄاڻو.
پدم - ڀراڻ جو تيلگوءِ ۾ نظم ۾ انواد ۽ انيڪ نظم ڪاويه ۽ گرنٿ هن جي جڳهه سان گڏ باهه ۾ جلي ڀسم ٿي ويا.
روي بابوءَ جي رچنائن ۽ شرت بابوءَ جي ناولن جا ڪيترائي انواد تيلگوءِ ۾ ڪيا اٿس. گجراتيءَ مان گانڌيءَ جي آتم ڪٿا جو تيلگوءِ ۾ انواد ڪيو اٿس. اربدا جو رچيل نرسنگهه پراڻ کي وري لکيو اٿس. ناچنا سومنا جي ني گرنٿ رچيو اٿس. گهٽيون ني اُصلوڪيون مقصد واريون ڪهاڻيون لکيون اٿائين. هُوت ۾ رهي شانت زندگي گذاريندو آهي.

## منڊي ۽ لوڻي

رام راءِ لٽريچر آنرس فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري چار پنج مهنا ڦڪٽ، مست مولا ٿيو گهمندو رهيو، پوءِ هن Ram Roy Dwivedi B. A (Hons) جو سونهري اکرن وارو هڪ سائين بورڊ

ٿالي، ماڻو سان مان حاصل ڪندڙ لاءِ فقط ٿالو نه گسار جيان
آهي. پتي ديو جي ڇوري تي اپرال غصي کي تلسي تُرت جاڳي
ورتو. چيائين،” اوهان جي ماءُ جي جان جوکم ۾ آهي.“
رامراءِ جي ڇوري جو رنگ بدليو.
”ڏسان نه.“ چئي چٺي ورتائين. پڙهيائين. ۽ پوءِ چيائين،
”وڃ اما کي چئو.“
تلسي هلي ويئي.
رامراءِ جي من ۾ شوڪ بدران خوشي ٿي، ڪارڻ جاڳڻ لاءِ
ڪنهن دوربين جي ضرورت نه.
تلسي موٽي نه. انتظار ۾ ويٺل رامراءِ ڪيس چاٻيءَ سان لڳايو.
”ڪڏ ۾ پوي اها عياشي! ٻڪ ۾ اهو ڇڇ جو ڪاڏو!“
”اما هن گاڏيءَ ۾ وڃي رهي آهي، توهان ڪونه ويندا؟“
هن چيو،” مان نه ڪونه ويندس. اما کي چئه نه ٻارن کي به
گڏ وٺي وڃي.“
”اٻي جي جهڄهٽن سان گڏ وري هي ٻارن جو جنجال هن
جي ڳلي ۾ چوٿا وجهو؟ توهان اما کي ساڻ وٺي وڃو.“
”اما ڙي! انهيءَ جدائي مون لاءِ گهور سنڪٽ آهي.
اما ۽ ٻارن جي وداعي سمپورڻ سوراج آهي.“
”نه، دراج (ڊائوڪي) آهي.“
”چڱو منظور آهي.“
”توهان کي جيڪو ڪيمو ڪريو. مان ٻارن کي ڪونه موڪليندس.“
”اهوئي سهين. اما کي تُرت روانو ڪر.“
”مان روانو ڇو ڪريان؟“
”ريل ۾ چاڙهي اچو ڪيس.“
”هون!“ چئي رامراءِ ڪوٺي ڪان هيٺ لٿو. پليان تلسي به
آئي.

# ذميواري

## ليکڪ :- شري پنڌولو شري رام شاستري

ڄمڻ: ١٥-١٠-١٩٢٢، ڄڳهه :- سدها چلم .
بنگال ناگپور ريلوي ۾ ڪلارڪ رهيو . گورنمينٽ هاءِ اسڪول راءِ ڳڙه ۾ ماستر رهيو (١٩٤٥-٤٦) بي. ايس. سي، بي. اي. ٽي آهي . پاڙهڻ سان گڏ سنگيت ۽ گهمڻ - ڦرڻ مسافريءَ ۾ خاص شونق اٿس .
رچنائون :- ’سور - وهاري‘ نالي ڪويتا سنگره، ١٩٤٥ کان ڪهاڻيون لکڻ لڳو. ٦٠ کان وڌيڪ ڪهاڻيون، ١٥ ايڪانڪيون لکيون اٿائين. ١٩٤٥ ريڊيو ناٽڪ چٽاڀيٽيءَ ۾ انعام حاصل ڪيائين. آنڌرا راشٽريه چٽاڀيٽيءَ لاءِ ’آنڌرا - پتريڪا‘ تيلگو روزانــي سندس لــي ڪهاڻــي چونڊي . ڪٽمبو (١٩٤٩) ۽ شري رام شاستري ڪٿلو (١٩٥٥) ٻـــ ڪهاڻي سنگره شايع ٿي چڪا اٿس .

### ذميواري

شري پورم ١-٢-١٩٥١

پيارا مترو ڌرم راو،

ٻارهن سال ٿيا ته آسان ٻنهي جي وچ ۾ خـط و ڪتابت بند ٿي چڪي آهي. جڏهن اسين وديارٿي هئاسين، ته انهن ڏينهن ۾ جيڪڏهين ڪو جوتشي اها پوشيه واڻي ڪري هـا تـه ايترو ويجهو ويجهو رهندي به آسان ٻنهي جي ملاقات، خط و ڪتابت

لڳائي، حقيقي خبر وستار سان لکي موڪلڻ لاءِ مدراس ۾ پنهنجي دوست هنگري راو کي لکيو اٿم. اُن ڏهن ڏينهن اندر جواب اچي ويندو. تنهنجي پاڻيجي جي ڀاڳ ۾ آسان جي ليلا نه هئي. دنياداريءَ جي سوجهه ٻوجهه هن ۾ غضب جي آهي. هن سان شادي ڪرڻ وارو دنيا ۾ ٻڏو نه رهندو.

پاڻيجي جي مٿان گرهستي جو بار وجهڻ کان ڏکڻ واري تو جهڙي شخص دنيا جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي هيڏي وڏي ذميواري پنهنجي مٿان کڻئين. ان تي توکي واڌائي ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهان.

توهان ڪڏهن ايندا، مون کي اڳواٽ سوچنا موڪلجو. مدراس واري خبر جيڪڏهن صحيح نڪتي ته جوڙي کي هتي سڏائڻ يا توهان وٽ موڪلڻ جو بندوبست ڪندس.

بس اهائي خبر چار آهي.

ڪان ڪرشن شرما

# نِرموهي موهي

## ليکڪا :- شريمتي اِللنبل سرسوتي ديوي

جنم :- ٢٦-٦-١٩١٥. مئٽرڪيوليشن ۽ سمپادن ـ ڪلا جي هڪ امتحان پاس ڪيل.
جدا جدا مخزنن ۽ ريڊيو لاءِ انيڪ ڪهاڻيون، مضمون، ايڪانڪي وغيره لکيون اٿائين.
پتيءَ جو نالو اٿس شري اِللعدل سيتارام راو.
شايع ٿيل ڪتاب :- (١) پنڊوڪ ٻهو مانومو (ڪهاڻين جو مجموعو.)
(٢) جاتي رلبالو (عورتن لاءِ گيمت ڪتائون)
(٣) گانڌي جيون ڪٿا (انواد)
(٤) بال وِنولو (ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪ)
(٥) "پللل پاٽلو" "آنڌرا پتريڪا" مدراس ۾ "ونيتا لوڪم" عورتن جي ڪالم جو سمپادن ڪندي رهي آهي.
ساهتڪ ۽ سماجڪ ڪمن ۾ مکيہ طرح سان ڀاڱو وٺندي آهي.

## نرموهي موهي

بنگار اَما صبح کان ئي دريءَ تي وهني انتظار ڪري رهي آهي. ٻہ اسٽيشنون نڪري ويئون. ٻر ٻرو ڪافي ڪٺي ڪونہ آيو. ڪافيءَ جو انتظار ڪندي ڪيس جهونڻو اچي ويو. گاڏو خالي هو، ٽنگون ڦهلائي، سيرانديءَ کان ٻانهن رکي ستهي رهي.

نند مان جڏهن ۾ جاڳي ٿي، تہ مٿي جي سور ڪيس ڪافي

بن ڏينهن ڪانپوءِ پار جي حالت ڪجهه سڌري . هميشه جيان ماءُ ۽ پيءُ پار جي ڪٽ وٽ ڳالهائي ٻولهائي رهيا آهن . ناني انتظار ۾ آهي ته أما ڪافي کڻي ايندي. أٽ وڄي چڪا آهن ، نه ڪافيءَ جو پتو هو، نه ڪافي آڻيندڙ أما جو . ڏيءَ گهر جي ڪنڊ ڪنڊ ڳولهي . آخر ماڙس جي ميز تان هي خط مليس .

پياري ڏي ،

توهان کي ڪئين جاڳايان ، اهو سوچي ٻدا چوڻ جي وڃي رهي آهيان . گهر گرهستيءَ جي ٻڌڻن کان ويراڳ أچي ويو اٿم ، ڪنهن اسپتال ۾ نرس يا آيا جو ڪم ڪرڻ لاءِ منهنجي دل چاهي رهي آهي . الڳ ڪو وصيت نامو لکڻ جي ضرورت ڪونه اٿم . تنهنجو پٽ منهنجي سڄي دولت جو وارث ٿيندو .

ٻڪار أما

”أما کي ڏرو ٻه ڏيرج ڪونهي.“ پتنيءَ پتي وارن خط پڙهي آنسون کي أگهندي چيو.